شيام روپچند جيٽناڻي

پريزيڊنٽ، گانڌي سيوا لوڪا، جڪارتا

Shyam Rupchand Jethnani

President,

Gandhi Seva Loka, Jakarta

سنڌ جي ماضيءَ مان ورثي ۾ حاصل ڪيل پرمپرائن، تهذيب ۽ سڀيتا ، يعني سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هندستاني اُپکنڊ ۾ محفوظ رکڻ ۽ وڌائڻ ويڇجهائڻ ۾ جيڪي سنڌيت جا شيدائي پنهنجي اڻڻڪ ۽ نسوارٿ ڪوششن سان جنبي ويا ،تن کي ساراهڻ ۽ کين آفرين ڏيڻ لاءِ اظهار ڪرڻ جهڙا لفظ ئي ڪونہ ٿا ملن.

هندوستان جي ورهاڱي سبب آيل اُٿل پٿل مان پيدا ٿيل حالات؛ جيڪي اَڄ بہ ٻڌڻ سان نس نس ۾ ڏُکٽي ٿي پيدا ٿئي. اُنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ محڪم اِرادن ۽ جدوجهد ڪرڻ وارن جي توفيق باعث اَسان جو سِر فخر وچان اوچو ٿي وڃي ٿو.

هندوستان ۾ رهندڙ سنڌين جي ڪوششن کي آفرين آهي، پر جيڪي سنڌي ٻائر ٻارت کان ٻاهر ڏارين جي زمين تي وڃي ٿانئيڪا ٿيل آهن ۽ سنڌي ريتين رسمن ۽ تهذيب کي دل سان سانڍي سنواري رکيو اَتائون، اُنهن کي سلام ٿو ڪريان. اُنهن جي ڪوششن کي تہ حقيقت ۾ تاريخي يوگدان چئي سگهجي ٿو. اَڄ اَسان کي هڪ اَهڙي شخصيت سان ملڻ جو سهڻو موقعو مليو آهي، جنهن جڪارتا (اِنڊونيشيا) ۾ سنڌيت کي سنياليندي پوري طرح زنده رکيو آهي؛ اُهو آهي

'گانڌي شيوا لوڪا' جو پرڌان شيام آر. چيٽناٽي...

جوَهراڻي: شيام جي! اِهو ٻڌايو تہ توهان جا اَبا ڏاڏا سنڌ جي کهڙي شهر جا رهندڙ هئا؟

شيام: منهنجو پِتا صاحب 'ڪنڈو' جو رهاڪو هو ۽ هوءَ ۱۹۴۰ع ۾ اِنڈونيشيا ۾ آيو هو. منهنجي ماتا صاحب، حيدرآباد سنڌ جي هئي. هوءَ پنهنجي پريوار سان اَڄ ۾ ئي هِتي رهندي هئي. منهنجن والدين جي شادي ۱۹۴۹ع ۾ ٿي.

جوَهراڻي: توهان جو پتا صاحب اِنڈونيشيا ۾ شايد ڏنڈي جي خيال کان آيو هوندو؟

شيام: ها! ڏنڈي جي خيال کان! ورهاڱي ٽيڙ کان اَڄ ئي هِتي رهندا هئا.

جوَهراڻي: تنهنجي معنيٰ توهان هِتي ئي جنم ورتو؟

شيام: جي ها! مون انڈونيشيا ۾ ۱۹۵۱ع ۾ جنم ورتو.

جوَهراڻي: توهان جو باقي ٻيو پريوار؟

شيام: اَسين ڪُل مِلائي پاڻ ۾ ڇهه ڀائر ۽ ٽي ڀينر آهيون. منهنجي هڪ ڀيڙ ممبئي ۾ آهي، ٻين موڪلائي هلي ويئي ۽ ٽين هِتي جڪارتا ۾ آهي. منهنجا سڀ ڀائر هِتي جڪارتا ۾ ئي رهندا آهن.

جوَهراڻي: انهن حالتن ۾ توهان کي سنڌ جي ڇاڪ برابر نہ هوندي!

شيام: اِهو بلڪل صحيح آهي! پر ساڻئي وقت سنڌ، پنهنجي اَباڻي وطن جي باري ۾ وڏيڪ ڇاڪ جو بيحد چاهه رکان ٿو.

جوَهراڻي: مان توهان کي ڪجهه ڪتاب موڪليندس، جن مان توهان کي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي وڏيڪ ڇاڪ پوي. پر مونکي عجب ٿو لڳي تہ جيئن تہ توهين ڇاوا نپنا هِتي اِنڈونيشيا ۾ ئي آهيو، پوءِ بہ توهان کي سنڌ جي باري ۾ ڇاڪ حاصل ڪرڻ جو ايترو چاهه آهي. عام طورٽيندو اِئين آهي تہ جنهن مُلڪ ۾ جنم ونبو آهي، لڳاءُ بہ اُن مُلڪ سان ئي ٽيندو آهي ۽ نہ اَبن ڏاڏن جي مُلڪ سان! توهان جي من ۾ سنڌ لاءِ اهو محبت جو جذبو ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

شيام: منهنجي ڏاڏي صاحب! هوُ ورهاڱي کان پوءِ هِتي آيو ۽ سنڌ ڇڏڻ تي بيحد دُکي هو. هوُ مون کي ٻڌائيندو هو ته پنهنجي مُلڪ جي زمين، اُتان جا اَنبن جا وڻ کيئن سندس ذهن ۾ قرندا رهندا هئا. هوُ مونکي اُتان جي تهذيب، تمدن، پرمپرائن ۽ ريتين رسمن جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌائيندو هو ۽ ان ڪري منهنجي من ۾ وڏيڪ ڇاڻ جو ڇاهه پيدا ٿيندو ويو. تنهن ڪانسواءِ مون کي گهڻو اُتساهه مليو، پنهنجي پِتا صاحب مان، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا پويان ويهه ٽيهه سال، ۲۰۰۳ ۾ گذاري وڃڻ تائين، سماجڪ ڪاريه ۾ دل سان بهرو ورتو هو. هوُ اوپر جاوا جي نندڙي شهر ملانگ ۾ اِنڊين اَيسوسئيشن جو پرڌان ٿي رهيو. اُتان جي ٽيهه چاليهه هندوستاني پريوارن جي مسئلن کي پوري ڏيان سان ٻڌي دوراندیشيءَ سان سندن حل ڳولهڻ تي مونکي وشواس ٿي ويو ته جنهن تهذيب ۽ پرمپرائن ۾ هوُ وڏو ٿيو هو، سي ضرور اَهڙا ئي اوچ ويچار ڌارائن وارا هوندا. ان ڪري ئي مون ۾ وڏيڪ اُن نايابَ ڇاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ايندڙ پيڙهين تائين پهچائڻ جو اُمنگ جاڳيو! حقيقت ۾ اَسين سنڌي هتي جڪارتا ۾ ريتين، رسمن ۽ پرمپرائن سان پوري طرح نپائيندا آهيون. ايتري قدر جو گهر ۾ به اَسين‌سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهيون. مان ته اِئين چوندس ته منهنجي من ۾ سنڌ ۽ اِنڊونيشيا لاءِ هڪ جيترو پيار آهي!

جوَهراڻي: توهان جي نس نس ۾ سنڌي سپيتا جي لاءِ پيار سمايل آهي! توهان جي پِتا صاحب، اِنڊونيشيا ۾ اَچڻ تي کهڙو ڪم ڪار ڪيو؟

شيام: ۱۹۴۰ع ۾ جڏهن هوُ هِتي آيو، ته پهرين پهرين هڪ ڊچ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيائين ۽ پوءِ هڪ جپاني ڪمپنيءَ ۾ به ڪم ڪيائين. پوءِ ٿوري وقت لاءِ هوُ واپس سنڌ ويو ۽ پيهر اَچي ڊچ ڪمپنيءَ ۾ ۱۹۴۵ع تائين ڪم ڪيائين؛ جڏهن اِنڊونيشيا کي آزادي مِلي. پوءِ وري ۱۹۴۸-۱۹۴۷ع ۾ واپس سنڌ ويو ۽ ۱۹۴۹ع ۾ بمبئيءَ ۾ شادي ڪري هميشهه لاءِ هِتي اَچي وسجي ويو.

جوَهراڻي: اَسان کي پنهنجي اَوائلي زندگي ۽ پڙهائي وغيرہ جي باري ۾ ٻڌايو!

شيام: شروعاتي ڏينهن ۾ اَسان جي مالي حالت هرو ڀرو سُٺي کانہ هئي. مکاني اِسکول ۾ پڙهائي حاصل ڪري مون کي پنهنجي پيءُ جي ڏنڊي ۾ شرڪت ڪرڻي پيئي. مونکي ڏاڍو دُک آهي جو مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪونہ ڪري سگهيس؛ پر مون هاڻي پڪ ڪري ڇڏي آهي تہ منهنجا ٻار اوچ ۽ سُٺي تعليم کان وانجهجي نہ وڃن!

جوَهراڻي: شايد اِهوئي سبب آهي، جو توهان اِنڊونيشيا ۾ ڇهہ اِسکول برپا ڪري ڇڏيا آهن، جتي هزارين ٻارن کي تعليم مِلي ٿي. توهان ان قدم کي سر انجام ڏيڻ لاءِ ڇا ڪيو؟

شيام: شروعَ ۾ هِتي هڪ ننڍڙو اِسکول هو. تن ڏينهن ۾ پڙهائي، تعليم جي پيشي کي صحيح ڏنگ جي عزت ڪونہ ملندي هئي. ۱۹۶۵ع ۾ ڪميونسٽن جي ڪري آيل سرڪاري قہر گهير جي ڪري قاعدن قانونن تحت سڄي اِنڊونيشيا ۾ ودیشي اِسکولن کي بند ڪيو ويو؛ پر هِندوستان سان سُٺا ناتا هئڻ ڪري تن هِندوستاني اِسکولن کي اُن قاعدي کان آجو رکيو ويو؛ جن ۾ هڪ 'گانڊي اِنٽرنيشنل اِسکول' جڪارتا، 'ودیا يوَن' سُريابايا ۽ بانڊونگ ۾ 'نهرو اِسکول.' هِتي پارتين کي ڏاڍو پيار ۽ عزت ڏني ويندي آهي!

جوَهراڻي: اَسان جي هِندو مهاڪاويہ 'رامايڻ' ۽ جڪارتا جي وچ ۾ ڪو رِشتو ناتو آهي ڇا؟

شيام: 'بالي' سڄي جو سڄو هِندو پرانت آهي؛ جيڪو جڪارتا کان ٻن ڪلاڪن جي هوائي سفر تي آهي. اُتي رامايڻ جون ڪٿائون روزانو ٿيندیون رهنديون آهن. اُتي هِندو سڀيتا ۽ ريتين رسمن کي پوري طرح ۽ دل سان اَپنايو ويندو آهي. مان تہ اِئين چوان، تہ اُهي حقيقت ۾ اَسان کان بہ وڌيڪ هِندو آهن. اُتي جي پارتي سڀيتا جي مچتا بلڪل اِئين آهي، جيئن ڏکڻ پارت جي مندرن ۽ شهرن وغيرہ ۾.

جوَهراڻي: تعليم جي سوال تي واپس ايندي مان ڇاڻڻ چاهيندس تہ اِسڪول ڏڌهن ڏي برپا ڪيو هوندوَ، جڏهن توهان جون مالي حالتون بهتر ٻڌيون هونديون!

شيام: بلڪل درست رامِ! پهرين اسان جو صرف هڪ اِسڪول هئو ۽ پوءِ اُتان جي گورنر اَسان کي ٻئي اِسڪول لاءِ زمين ڏني. پر اَسان کي پيسي جو ٻل صفا ڪونہ هئو. وقت گذرندي اَسان جي جاتي خوشحال ٿي ۽ پيسي جو ٻل بہ ايندو ويو. مون سنگاپور ۾ ۱۹۸۰ع ۾ هڪڙي آفيس کولي ۽ مان ۱۹۸۶ع تائين اُتي هوس. وري ۱۹۹۱ کان ۱۹۹۶ تائين مان سنگاپور ۾ رهيس ۽ منهنجو ڏنڏو وڏندو ويو. ان وچ ۾ مان اَيسوسئيشن جو نائب پرڌان چونڊيو ويس ۽ هاڻي مونکي فخر آهي جو اِئين چوان تہ اَسان کي هِن وقت چهہ اِسڪول آهن، جيکي اَسان جا آهن. اَسان جي گڏيل محنت جي حاصلات آهي.

جوَهراڻي: ڇا اهي اِسڪول فائدي جي بنياد تي هلن ٿا؟

شيام: انهن ۾ هڪڙو اِسڪول، 'اِنٽرنيشنل اِسڪول' جڪارتا ۾ آهي، جنهن ۾ ۴۲ مُلڪن جا وديارٿي آهن. صرف اُهو ئي فائدو ڏيندڙ آهي. ٻين اِسڪولن ۾ جتي سنڌي ۽ هندوستاني وديارٿي آهن، اُتي ڪوبہ فائدو ڪونہ آهي! پر مجموعي طور اَسان جي سنسٿا فائدي ۾ ئي آهي!

جوَهراڻي: ڇا توهان جي اَيسوسئيشن ٻين سماجڪ ڪارين ۾ بہ رُڌل آهي؟

شيام: ۱۹۴۷ع ۾ ورهاڱي وقت هِتان جي پارتيہ واپارين هڪ 'بمبئي واپاري منڊل' برپا ڪيو، جيڪو هاڻي 'گانڌي سيوا لوڪا' جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. مان فخر سان چوان ٿو تہ اُن جو هِن وقت پرڌان مان آهيان! گهرجائو ماڻهن لاءِ دوا درمل، تعليم، مالي ۽ ٻئي ڪنهن بہ قسم جي مدد لاءِ اَسين هر وقت هڪيا تڪيا حاضر هوندا آهيون!

جوَهراڻي: توهان اِنڊونيشيا ۾ سنڌين لاءِ پنگتي گڏجاڻيون بہ رکندا آهيو؟

شيام: سڄي سال ۾ اَهڙيون ڪيتريون ئي گڏجاڻيون ٿيندڙ رهنديون

آهن! اَسين هِتي ڏيارِي ملهائيندا آهيون؛ جنهن ۾ پارت جون ٻيون جاتيون؛ پنجابي، تامل وغيره به شامل ٿيندڙيون آهن. پر خاص سنڌين لاءِ اَسان چيٽي چنڊ جو ميلو به لڳائيندا آهيون. تنهن کانسواءِ هر ٻئين مهيني اَسان بزرگن جي گڏجاڻي به رکندا آهيون؛ جنهن کي چئون 'وڏڙن جو ميلو'.

جوَهراڻي: بزرگن ۽ نوجوانن جي گڏيل سڌيل گڏجاڻي به رکندا آهيو؟

شيام: اَسان پهرين ست سالن کان مٿي وارن جو ڏيان رکندا آهيون؛ جو هوُ اَڪيلائپ محسوس کندا آهن. چاکاڻ ته سندن نوجوان پنهنجن ڏنڏن ڏاڙين، پنهنجي زندگي ۽ ڪارن ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. انهن بزرگن لاءِ وندر ورونهن جو ٻيو کو به ساڻن کونه بچندو آهي؛ جو پنهنجي عمر وارن سان گڏجي مِسجي سگهن!

جوَهراڻي: مون هِتي ڏٺو آهي ته نئين ٽهيءَ پنهنجي پرمپرائن ۽ سيپٽا کي وساريو کونه آهي ۽ مون تمام ڏيان سان ڏٺو آهي ته نوجوان، بزرگن کي پيرين پئي ڪيڪارينداآهن!

شيام: ها! هوُ وڏڙن جي ڏاڍي عزت کندا آهن. تنهن کان سواءِ هوُ پنهنجين اِسڪولي ۽ سماجڪ سرگرمين، ٻال وڪاس،ستسنگ وغيره ۾ به پورو پورو ڏيان ڏيندا آهن.

جوَهراڻي: ستسنگ جي ڳالهه ڪڍي اَٽوَ ته مون کي ٻڌايو ويو آهي ته جڪارتا ۾ ٻاويه ڪن ڏارمڪ سنسٿائون آهن، جيڪي ستسنگ وغيره ڪنديون آهن! ڇا اِهو سچ آهي؟

شيام: ها! هِتي ڇن ڇڻن جي طرفان سنسٿائون برپا ڪيل آهن. جيئن ته ساڌو واسواڻي مِشن، راڌا سوامي، ستنام ساڪي، نرنڪاري، ٽيئونرام آشرم وغيره. تنهن کان سواءِ ڇهه ست ديوي ماتا جا مندر به آهن ۽ پنج گردوارا آهن.

جوَهراڻي: ڇا اهي گردوارا سنڌين جا برپا ڪيل آهن؟

شيام: پهرئين ۽ وڏي ۾ وڏي گردواري لاءِ مونکي ٻڌايو ويو آهي ته اُن کي ٺاهڻ لاءِ سنڌين جي مالي مدد وڏي هئي. ٻئي گردواري جي

سنڌين کڏهن بہ ضرورت محسوس کونہ ڪئي آهي. تنهن کان سواءِ آسان کي 'سنڌي هائوس' ۾ پنهنجو مندر بہ آهي.

جوَهراڻي: اُن مندر ۾ 'گروُ گرنٿ صاحب' رکيل آهي؟

شيام: نہ! اُتي شِوَ ۽ ٻين ديوتائن جون مورتيون رکيل آهن ۽ اُتي نيم سان هر مهيني ستيہ نارائڻ جي ڪٿا جو پاٺ ڪيو ويندو آهي.

جوَهراڻي: اهو عجب ۾ وجهندڙ ڪونهي تہ ٽوٽل ڇهہ هزار سنڌين لاءِ ويہ پنجويہ مندر موجود آهن؟

شيام: مان هِتي صاف ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ويہ پنجويہ مندر سڄي پارتيہ جاتيءَ لاءِ آهن. سنڌين لاءِ صرف هڪ شِوَ مندر ئي آهي؛ جتي تمام گهٽي ۾ گهٽا سنڌي اَچي گڏجندا آهن.

جوَهراڻي: شادي مرادين جي معاملي ۾ ٻڌايو تہ اِنڊونيشيا ۾ مٽيون مائٽيون ڪيئن ٽيندڙيون آهن؟ مڪاني سطح تي يا فار ايسٽ يا پارت ڏانهن نهارينداَ آهيو؛ يا ڪو ٻيو طريقو اَپنائيندا آهيو؟ پيار جي شاديءَ ۾ ڪهڙو طريقو اَپنائيندا آهيو؟

شيام: سڀ کان پهرين هرڪو چاهيندو آهي تہ مِٽيون مائٽيون پنهنجي جاتيءَ ۾ ئي طئہ ٿين! مِٽن مائٽن جي طرفان يا پيار جي شاديءَ ۾. منهنجو شخصي رايو آهي تہ مان پنهنجي پٽ کي چوندس، ''فلاڻي ڇوڪري سُڻي آهي، تنهنجو هن ۾ چاہ آهي؟'' پوءِ هوُ پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ کندا آهن. ڏسو نہ، اَڄ جو زمانو آهي اِنٽرنيٽ ۽ اي-ميل جو. آخرين فيصلو تہ هنن ٻارن جو ئي رهندو! ان طرح اِئين ڪڻي سمجهجي تہ مِتي مائٽي، مائٽن جي مرضيءَ سان ئي ٿئي ٿي.

جوَهراڻي: ٻڌو اَڻ تہ ڪن سنڌين مڪاني ماڻهن سان شاديون ڪيون آهن؟

شيام: اهو صحيح آهي!

جوَهراڻي: لڳ ڀڳ گهٽو سيڪڙو؟

شيام: ڏهہ سيڪڙو ڪان وڌيڪ نہ! پر مان تہ جيڪر چوان پنج سيڪڙو مس!

جوَهراڻي: هتي ٽائنيڪي ٽيل ٻين هندوستانين، پنجابي، تامل وغيرہ سماج ۾ بہ اَنترجاتيہ شاديون ٽيندين آهن؟ جي ها تہ گهٽو سيکڙو؟

شيام: ها! اُهي بہ لڳ ڀڳ اوترو ئي پنج سيکڙو. اُنهن ۾ هندوستاني جاتيون يا مکاني اِنڊونيشين سپ اَچي وڃن ٿا.

جوَهراڻي: شاديون مرادين، ريتين رسمن سان ڪرائڻ لاءِ توهان وٽ مهراج آهن؟

شيام: ها! اَسان وٽ جڪارتا ۾ ٽي مهراج آهن!

جوَهراڻي: هِتي ٽائنيڪي ٽيل سنڌين جي من ۾ هِند جي سنڌين لاءِ ڪهڙا ويچار آهن؟

شيام: مالي حالتن ۾ مون کي وڌو ويڇو محسوس ٽيندو آهي. مان ۱۹۹۰ع ۾ پنهنجي پتنيءَ سان گڏ دهليءَ کان اَجمير ٽرين رستي وڃي رهيو هوس، جو اَجمير اِسٽيشن تي هڪڙي ڪوليءَ اَسان زال مڙس جي سنڌيءَ ۾ گفتگو ٻڌي چيو، ''سائين، مان بہ سنڌي آهيان!'' منهنجي من تي اهو اثر وينل آهي تہ اَسين سپ سنڌي سکيا ستابا آهيون، پر ان واقعي منهنجو من ڏوڏي ڇڏيو ۽ محسوس ڪيم تہ، نہ يار! سنڌين ۾ اَجا بہ غُربت آهي ۽ ڪيترائي سنڌي‌بنيادي گهرجن حاصل ڪرڻ کان وانجهيل آهن.

جوَهراڻي: توهين اِن راءِ جا آهيو تہ NRIs سنڌين کي پارت ۾ رهندڙ غريب سنڌين لاءِ ڪجهہ مالي مدد ڪرڻ گهرجي!

شيام: سنڌين ۾ غربت صرف هِندوستان ۾ نہ، پر سڄي دنيا ۾ آهي. تنهن کي گهٽائڻ يا دور ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي سنڌي جاتيءَ جي وڏيرن کي گڏجي هڪڙو فنڊ برپا ڪرڻ گهرجي؛ جنهن جي ذريعي سڄي دنيا جي سنڌين جي بنيادي مالي گهرجن جو حل ڳولهڻ گهرجي.

جوَهراڻي: اِهو يقين سان مڃيو ويندو آهي تہ NRIs وارن جي ڪافي پهچ ۽ هلندي هِند سرڪار تي آهي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ سنڌين

سان ورهاڱي کان اڳ جيڪي به انجام اِقرار ڪيا ويا هئا، اُهي لڏپلاڻ ڪانپوءِ هِند ۾ ڪونہ نڀايا ويا! ڇا سڀ NRIs گڏجي سنڌين جي باري ۾ هِند سرڪار سان وارتالاپ نٿا ڪري سگهن؟

شيام: اَسين اَهڙي ڪنهن به نمائندگيءَ ۾ دل سان بهرو ونڊ ڇاهيون ٿا، جيڪا هِند سرڪار تي اَثر هلائي سنڌين جو پاسو ۽ گهرجون پيش ڪري. اَسان کي پنهنجو پرانت ڪونہ آهي. اَسان کي دل سان اُدم ڪري هند ۾ سنڌين جي پرانت لاءِ زمين ٽڪرو ونڊ گهرجي. سنڌي جاتيءَ جي ڪن وڏين ۽ عزتدار هستين کي اِن ڏس ۾ اَڳواڻي ڪري هڪڙو محاذ ٺاهي NRIs کان به مدد وٺي، اهو ڪارج هٿ ۾ کڻي هِند سرڪار تي زور بار آڻڻ گهرجي.

جوَهراڻي: ان لحاظ کان جيڪڏهن هِند سرڪار 'يونين ٽيريٽوريز فار سنڌيز' جي رٽ ڏئي، تہ اِنڊونيشيا جا سنڌي ان رٽ جي اَوسر ۽ بهبودي۽ لاءِ اَڳيان ايندا؟

شيام: بيشڪ ۽ بِنا ڪنهن هچڪچاهٽ جي!

جوَهراڻي: اِنڊونيشيا جي سياست ۾، بهرو ونندڙ ڪجهہ سنڌي به آهن ڇا؟

شيام: اِنڊونيشا ۾ سنڌي بلڪل ٿورائيءَ ۾ آهن ۽ گهڻو ڪري ڏنڊي ڏاڙيءَ وارا آهن! ڪي خاص پيشہ ور ۽ آهن، پر سياست ۾ بهرو ونڊ لاءِ سڄو ۽ پورو وقت ڪپي! انهيءَ ڪري راجنيتيءَ کان سنڌين پاڻ کي پاسيرو ئي رکيو آهي. ڪجهہ وقت اڳ ۾ پارتيہ نسل جو هڪڙو پارليامينٽ جو ميمبر هئو، پر اُهو پنجابي هو ۽ نہ سنڌي!

جوَهراڻي: هِن وقت راڄ ڪندڙ پارٽي ڪهڙي آهي؟

شيام: هِن وقت ڊيموڪريٽڪ پارٽي راڄ ڪندڙ آهي.

جوَهراڻي: هِتان جا سنڌي تہ سياءَ ۾ وڏي دل وارا ۽ فراخدل آهن، پر هيا پارٽي ۽ سماج سيوا ۽ اَهڙن ڪارجن لاءِ دل کولي پنهنجو يوگدان ڏيندا آهن يا نہ؟

شيام: اَسان جي سنسٽا گهڻو ڪري ڪنهن جي به اَڳيان دان لاءِ هٿ ڪونہ ڦهيڙيندي آهي. جڏهن اَسان کي ڪنهن سماجڪ ڪارج

لاءِ مالي مدد جي ضرورت پوندي آهي، تہ اَسين پنهنجي يارن دوستن مان بندوبست ڪري وٺندا آهيون؛ پر اهو بہ تڏهن؛ جڏهن ڏسندا آهيون تہ سنسٽا ايترو بوجهہ سِڌيءَ طرح نہ کڻي سگهندي آهي؛ تہ پوءِ مان دوستن کي سڏي چوندو آهيان تہ، ”هن ڪارج لاءِ هيترو پيسو کپي. ٻڌايو تہ توهان مان ڪيتري اميد رکجي!“ بس ان طرح بنا وقت وڃائڻ جي اَسان جا ڪارج سِڌ ٿي ويندا آهن!

جوَهراڻي: پراڻي زماني ۾ پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهہ سيڪڙو دان پڇ لاءِ پاسيرو رکيو ويندو هو. ڇا اُها پراچين پرمپرا هِتي هلندڙ آهي؟

شيام: نہ! اَهڙو ڪوئي بندڻ ڪونہ آهي! پر هِتان جا سنڌي ڏاڍا فراخدل آهن. ڪنهن بہ ڪارج لاءِ ناڻو هٿ ڪرڻ بلڪل ڏُکي ٻالهہ ڪونہ آهي.

جوَهراڻي: هِتي هندوستاني فلمون ڏيکاريون ويندیون آهن؟

شيام: مڪاني ماڻهو تہ هِندوستاني فلمن جا بيحد شائق آهن!

جوَهراڻي: هِتي اِنڊونيشا ۾ سنڌي سنگيت جو ڪئسيٽون DVDs وغيرہ موجود آهن؟

شيام: ها! رام! تمام گهڻيون موجود آهن!

جوَهراڻي: ڪائي سنڌي فلم؟

شيام: ها! ٻہ ٽي سنڌي فلمون بہ ڏيکاريون ويون آهن!

جوَهراڻي: هِتي سيپٽڪ پروگرامن ۾ پاڻ وٽ لاءِ گهڻي وقت کان توهان سنڌي ڪلاڪارن کي هندوستان کان گهرائڻ شروع ڪيو آهي؟

شيام: اَسان ۱۹۹۰ع کان چيٽي چنڊ ملهائڻ شروع ڪيو! اَسين سنڌي ڪلاڪارن کي گذريل پنج ڇهہ سالن کان گهرائيندا پئي رهيا آهيون!

جوَهراڻي: ڪلاڪار هتي اَچڻ ۾ خوش رهندا آهن ۽ اِنڊونيشا ۾ اَچڻ جو چاهہ ڏيکارينداآهن!

شيام: هوُ نهايت خوش هوندا آهن ۽ اَسان سندن پورو پورو خيال رکندا آهيون ۽ سندن اُميد کان وڌيڪ ئي کين ملندو آهي. اَڄڪلهين دفعي اَنيلا سندر هتي آئي هئي؛ جنهن کي گهرائڻ لاءِ توهان سڀڪاڻ ڏنو! اُها تہ بيحد خوش ٿي هئي ۽ اُن سان اَسان جا بزرگ بہ ڏاڍو خوش هئا؛ جو سندن سڌ جون پراڻيون يادگيريون وري جاڳي اُٿيون.

جوَهراڻي: توهان وٽ هِتي هندوستان مان کوئي سنڌي رسالو يا مخزن ايندو آهي؟

شيام: ها! 'هِندواسي' اَسان جي سنسڪرت ايندي آهي!

جوَهراڻي: توهان سنڌي جاتيءَ لاءِ کو خاص پيغام ڏيندا؟

شيام: پهرين اَسان کي صرف 'سنڌ' زمين هئي؛ پر هاڻي اَسان سڄي دنيا جي حصي حصي تي پنهنجو ڏاکو جمايو آهي. ان کري اَسان لاءِ سپني کي گڏجي کري سڄي دنيا جي سنڌي جاتيءَ جي بهبودي‌ءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ لازمي آهي!

جوَهراڻي: اَسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ ۲۰۱۰ ۾ 'اِنٽرنيشنل سنڌي سميلن' توهان جي سنسڪرت 'گانڌي سيوا لوڪا' معرفت جڪارتا ۾ ٿيڻ لاءِ رڪيو ويو آهي؛ جنهن ۾ سنڌين جون مايہ ناز هستيون ۽ اَهم فيصلا ڪندڙ شخصيتون، هڪ ئي محاذ تي گڏ ٿيندا! ڇا اهو سچ آهي؟

شيام: اَسين ڈيڪارٽ ٿا چاهيون تہ هِتي اِنڊونيشيا ۾، ايشيا ۾ اَسين سنڌي فخر وٺڻ جهڙا ڪم ڪري اتهاس جوڙي‌سگهون ٿا! پر توهان جهڙن آزمودگارن، جن اَڳ ۾ اَهڙا سميلن ڪيا آهن، تن جي راهنمائيءَ جي ضرورت پوندي. گذريل ٻن ٽن سميلن ۾ جتي بہ مان حاضر هوس، اُتي سنڌي جاتيءَ جي جن بنيادي ڳالهين کي وساريو يا نظراَنداز ڪيو ويو هو، اُنهن تي بحث ڪرڻ ۽ کي نوس فيصلا ڪرڻ لاءِ اَسان جو اِرادو آهي!

جوَهراڻي: گذريل ٻن ٽن سميلن مان کهڙو ڪڙ ٽيل نڪتو آهي؟ سنگاپور يا بارباڊوس ۾ سڈايل سميلن ۾ تہ 'سنڌيت' جو ڏسڻ-پسڻ ئي

غير موجود هو!

شيام: برابر ۽ ان تي اَسان کي بيحد ڏُک آهي. اَسين کوشش کنداسين تہ سنڌين جي بنيادي مسئلن تي روشني وجهون ۽ حل ڳولهيون. باقي فيشن شو ۽ ڊسکو تہ ٻاهريون شعاع ٿي پيو آهي!

جوَهراڻي: توهان سميلن جو اِنتظام ڪيئن رکندا؟ اُتي ڊسکو ۽ فيشن شوز بہ هوندا؟

شيام: ٿي سگهي ٿو هڪڙو ڊسکو جو اِسم نوجوانن لاءِ رکجي! آخر اسان کي هنن جو بہ ڏيان رکڻو آهي، نہ تہ هوُ اَسان جي گنپير مسئلن جي باري ۾ پوريءَ طرح پاڻ کي سمائي نہ سگهندا، جنهن لاءِ سميلن کونايو وڃي ٿو. پر اَسان جو مکيہ اِرادو ٿيندو بنيادي مسئلن ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ ۽ نہ صرف نچڻ ڳائڻ، دارون دفعو، کاڌو پيتو، وغيرہ. آخر ۾ ڪڙ تيل... وڏي ٻُڙي!!

جوَهراڻي: ۲۰۰۵ واري سميلن جي فيصلي مطابق 'گلوبل سنڌي ڪائونسل' رام جيٺملاڻيءَ جي پرڏان پڻي هيٺ برپا ڪئي ويئي؛ جنهن ۾ دنيا ۾ جي سنڌين جي مسئلن ڏانهن سرڪار جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ هڪ مکيہ ڪاميٽي ناهي ويئي آهي! توهين اِن ڪائونسل ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيندا؟

شيام: بيشڪ ! توهان جي اُن مکيہ جماعت ۾ دنيا ۾ جي سنڌين جي نمائندگي هئڻ گهرجي! جيئن ذهني طور ۽ مالي طور اَسان جي جاتيءَ جي مسئلن تي ڏيان لڳايو وڃي.

جوَهراڻي: ڪجهہ وقت اَڳ ۾ 'ايشين سنڌي سميلن' جي رٽ آئي هئي. توهان جا اُن جي باري ۾ ڪهڙا ويچار آهن؟

شيام: اِها رٽ اَصل ۾ ملائيشيا مان آئي هئي. سچ اهو آهي تہ اُتان جي سنڌين کي ماضيءَ ۾ ٿيل اِنٽرنيشنل سنڌي سميلن ۾ خاص نہ جوڙيو ويو ۽ نظر اَنداز ڪيو ويو هئو. هانگ ڪانگ جپان، سنگاپور، بئنگڪاڪ، ملائيشيا ۽ ٿي سگهي ٿو آسٽريليا جا سنڌي بہ اَهڙي سنسٽا ۾ خوشيءَ سان شامل ٿين؛ پر سندن پهريون سميلن پارٽ ۾ ئي ٿيڻ گهرجي!

جوَهراڻي: توهان جي وڏي مهرباني! توهان جو سنڌيت لاءِ جُنون ۽ توهانجون وڪاس لاءِ ڪيل ڪوششون، دنيا جي سنڌين تائين پهچنديون!

شيام: رام صاحب! توهان جي به مهرباني، جو جڪارتا وارن کي توهان ياد ڪيو!